# اسلام جي اشاعت ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جن جو اعليٰ اخلاق - سيرت طيبه جي روشنيءَ ۾

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو
پروفيسر - اسلاميات
مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي، ڄامشورو

انسانيت جي رهبر ۽ آخري پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعاليٰ سموري انسانيت لاءِ رحمت بڻائي موڪليو. قرآن پاڪ ۾ ارشاد الاهي آهي. "وَمَا اَرسَلنٰکَ اِلا رَحمۃ اللعٰلمِینَ". "يعني اي پيغمبر صلي الله عليه وسلم اسان توکي سمورن جهانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي. (1) اهو ئي سبب آهي، جو انسانيت جي تڪميل لاءِ جن اعليٰ اخلاقي صفتن جي ضرورت ٿي سگهي ٿي، انهن سمورين صفتن سان پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ذات بابرڪت کي آراسته ڪيو ويو. پاڻ صلي الله عليه وسلم جن نه صرف انهن سمورين اخلاقي صفتن جي تعليم ڏني، بلڪه ان تي عمل به ڪري ڏيکاريو. ان لحاظ کان حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات سمورين اعليٰ اخلاقي خوبين جو مظهر آهي. ان ڳالهه جي ثابتي حضرت بيبي عائشه رضه عنها جي انهيءَ گفتگو مان واضح ٿئي ٿي، جنهن ۾ جڏهن

ڪانئس سوال ڪيو ويو، ته حضور صلي الله عليه وسلم جي اخلاق متعلق ڪا عجيب ڳالهه ٻڌايو، ته بيبي صاحبه رضه عنها جواب ڏنو ته "ڪان خلقه قران"، يعني"سمورو قرآن پاڪ پاڻ سڳورن جي اعليٰ اخلاق جو ظهور آهي. (2)

تاريخي لحاظ ڪان اهو واضح ٿئي ٿو ته، حضور صلي الله عليه وسلم جي جي مڪي زندگي هجي يا مدني، پاڻ سڳورن هميشه انسانيت کي ايمان، زهد، تقويٰ، پاڪ بازي، ديانتداري، صبر ۽ تحمل، عدل ۽ انصاف، حلم ۽ بردباري، محبت ۽ شفقت، امن ۽ سلامتي، عفو ۽ درگذر ۽ اعتدال جو درس ڏنو. اهو ئي سبب آهي، جو پاڻ سڳورا پنهنجي دعوتي زندگي دوران مختلف مرحلن کي طئي ڪندي، ڪاميابي ڪان همڪنار ٿيا. پاڻ سڳورن اها ڪاميابي ڪنهن روايتي ۽ رسمي ڪوشش ۽ معجزن جي بنياد تي حاصل نه ڪئي، بلڪه اها ڪاميابي خالص طبعي طريقي سان حاصل ڪئي.(3) پاڻ صلي الله عليه وسلم جي دعوت جو مقصد ۽ محور اهو ئي هو، ته ڪهڙي طرح سموري انسان ذات ڪفر، گمراهي ۽ شرڪ جي اونداهين مان نڪري خدا وحده لا شريڪ له کي سڃاڻڻ واري بنجي وڃي ۽ صحيح معنيٰ ۾ انسان چوَرائڻ جي مستحق ٿي وڃي. انهيءَ مذهبي ذميواري کي منزل مقصود تائين پهچائڻ لاءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي الله تعاليٰ پنهنجي

خاص رحمت واري صفت سان نوازيو هو، جنهن جي ذريعي پاڻ سڳورن پنهنجي سموري زندگي ۾ پنهنجي حيثيت کي تسليم کرايو. قرآن پاڪ ۾ انهيءَ ڳالهه جي گواهي ڏيندي فرمايو ويو آهي، " فَبِمَا رَحمَةٍ مِنَ اللهِ لِنتَ لَهُم وَلَو كُنتَ فَضًا غَلِيظَ القَلبِ لا انفضّوا مِن حَولِک" يعني الله تعالي جي رحمت جي سبب توهان انهن لاءِ نرم دل ٿيا آهيو ۽ جيڪڏهن توهان سخت مزاج ٿيو ها، ته هيءُ ماڻهو توهان کان پري ڀڄي وڃن ها. (4) درحقيقت اها اخلاق ۽ ڪردار جي قوت هئي، جيڪا اسلام جي اشاعت ۽ فروغ جو سبب ٿي. مشهور عالم ۽ فاضل " ٽي . ڊبليو . آرنولڊ لکي ٿو، ته "اسلام شروعات کان وٺي پنهنجي اصولن ۽ عمل ۾ دعوتي مذهب رهيو آهي، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اسلام جي داعين جي انهيءَ عظيم سلسلي جا رهبر ۽ رهنما آهن، جن پنهنجي اعليٰ اخلاقي صفتن جي ذريعي انسانن جي دلين ۾ پنهنجي دين کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪئي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جي انهيءَ پرامن ۽ اخلاقي جدوجهد جي ثبوت لاءِ هيءُ ڪافي آهي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسلام جو آفاقي پيغام پهتو.(5)

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم اسلام جي دعوت جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو، سو انساني نفسيات جي عين مطابق هو. پاڻ سڳورن جي مخالفت ۽ اسلام جي دعوت ۽ اشاعت کي روڪڻ جي شروعات ته ان ڏينهن کان ئي شروع ٿي چڪي هئي، جنهن ڏينهن پاڻ صلي الله عليه وسلم جن صفا جي پهاڙيءَ تان پنهنجي رسالت جو آغاز ڪيو هو. انهيءَ ڏينهن کان پاڻ سڳورن تي مڪي جي سردارن جي طرفان ظلم۽ ستم جي حد ڪئي وئي. گاريون ڏنيون ويون، قتل جا منصوبا ٺاهيا، رستن ۾ ڪنڊا اڇلايا، جسم مبارڪ تي نجاستون ڪيرايون ويون، مجنون ۽ پاگل، نه ڄاڻ ڪهڙن ڪهڙن لفظن ۽ لقبن سان سڏيو ويو. ليڪن ام المؤمنين حضرت عائشه رضه عنها چواٿي، ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي ذات لاء ڪنهن کان ڪوبه بدلو نه ورتو. (6) ظاهر آهي ته انهن سمورن بيهوده طريقن ۽ تحقير و تذليل جو مقصد اهو ئي هو، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي اسلام جي دعوت ۽ اشاعت کان روڪيو وڃي. ليڪن انهن سمورين ناگوارين جي باوجود پاڻ صلي الله عليه وسلم جن پنهنجي دعوتي سرگرمين کي جاري ۽ ساري رکيو.

سيرت طيبه جي مطالعي مان واضح ٿئي ٿو ته، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن اسلام جي فروغ ۽ اشاعت جي دوران اسلام مخالف طاقتن جي مخالفت ۽ اذيتن جي سيلاب جي مقابلي ۾ جنهن بهادري ۽ استقامت جو مظاهرو فرمايو، ان جهڙو نظارو ته نه آسمان ڪڏهن ڏٺو ۽ نه قيامت تائين ڏسي سگهندو. مڪي شريف بلڪه پوري عرب جي ڪفرستان ۾ اڪيلو شخص تن تنها اٿي ڪڙو ٿيو. بي يارو مددگار حق جي دعوت جي صدائن کي بلند ڪيائين. ريگستان جو ذرو ذرو سندس مخالفت ۾ پهاڙ بنجي سامهون آيو. اهڙو ڪوبه ڊپ ۽ خوف نه هو، جنهن جي ذريعي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم کي ڊيڇاريو نه ويو. اذيتن پهچائڻ جو ڪهڙو طريقو ڪونه هو، جيڪو ڪين پهچايو نه ويو. تحقير و تذليل جي ڪهڙي صورت نه هئي، جيڪا معصوم ۽ بعد از خدا بزرگ جي لاءِ استعمال نه ڪئي وئي. اهو ڪهڙو حربو هو، جيڪو پاڻ سڳورن تي حق جي راهه تان هٽائڻ لاءِ آزمايو نه ويو. هن جو اندازو سندن زبان مبارڪ مان نڪتل هن بيان مان لڳائي سگهجي ٿو. "لَقَد اُوذِيتُ فِي اللهِ وَما يُوذِي اَحَداً" "يعني مون کي الله جي راهه ۾ اهڙو ته ستايو ويو، جو ٻيو ڪنهن کي به ايترو ڪڏهن به نه ستايو ويو". (7) دراصل هي سموري برداشت ۽ تحمل پاڻ صلي الله عليه وسلم جي انهيءَ غم ۽ فڪر جو نتيجو هو،

جنهن کي قرآن پاڪ "فَلَعَلَّکَ بَاخِعُ نَفسَکَ"، "يعني متان اوهان انهيءَ غم جي ڪري پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪري ڇڏيو." (8) سان تعبير ڪيو آهي. درحقيقت اها بي قراري، غم ۽ فڪر هو، جنهن جي ڪري پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم هر ظلم ۽ جبر کي برداشت ڪرڻ پنهنجو فرض مذهبي تصور ڪيو. اهو انهن اعليٰ اخلاقي صفتن جو ڪرشمو ئي هو، جو اذيت پهچائڻ وارن جي لاء حق جي دعوت کي قبول ڪرڻ کان سواء ڪو به چارو ئي نه رهيو. اهو ئي اخلاق جو اعليٰ مقام ۽ مرتبو آهي، جنهن کي الله تعاليٰ "اِنَّکَ لَعَليٰ خُلُقٍ عَظِيم" (9) سان مخاطب ٿيو آهي. اسان هن مختصر مقالي ۾ حضور صلي الله عليه وسلم جي حيات طيبه جي روشنيءَ ۾ چند اعليٰ اخلاقي صفتن کي مثال جي طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن سان اهو صاف طور تي واضح ٿئي ٿو، ته ڪهڙي طرح حضور صلي الله عليه وسلم پنهنجي اعليٰ اخلاقي صفتن ذريعي پنهنجي جاني دشمنن ۾ پنهنجائپ ۽ خيرخواهي جو احساس پيدا ڪيو. ايتريقدر جو پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم پنهنجي سموري مبارڪ زندگي جي هر موڙ تي رواداري، تحمل، برداشت، صبر، عفو ۽ درگذر جو اهڙو نه عملي مظاهرو ڪيو، جنهن جي ڪري زيادتي ڪرڻ وارا شرمسار ٿي بي اختيار سندن مبارڪ جهوليءَ ۾ پناهه حاصل

ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهيا. دراصل اهي اعليٰ اخلاقي صفتون هڪ اهڙي باوقار جذبي کي جنم ڏين ٿيون، جنهن جي ڪري پاڻ سڳورا انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي پروقار ۽ باعظمت مقام تي نظر اچن ٿا. ۽ اها اخلاقي ڪردار جي قوت هئي جيڪا اسلام جي اشاعت ۾ معين ۽ مددگار ثابت ٿي. اسان هيٺ ان جا چند مثال پيش ڪريون ٿا.

- حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جڏهن نبوت جو اعلان فرمايو، ته ڪين هر طرح سان ستايو ويو. انهن جي ڪوشش سان 7 نبويءَ ۾ مڪي جي رهواسين حضور صلي الله عليه وسلم جن جي خاندان ۽ مسلمانن سان هر قسم جي قطع تعلقات جو فيصلو ڪيو، جيڪو 10 نبوي تائين جاري رهيو. ان جي دوران مردن ۽ عورتن کان علاوه ننڍڙن معصوم ٻارڙن جو بڪ ۽ اڃ ۾ تڙپڻ، اسلامي تاريخ جو انتهائي اذيت وارو منظر پيش ڪري ٿو. انهن ڏکدائڪ حالتن جي باوجود پاڻ سڳورن اسلام جي اشاعت کي جاري رکيو ۽ صبر جو اهڙو عملي مظاهرو ڪري ڏيکاريو، جنهن جو مثال انساني تاريخ پيش ڪرڻ کان قاصر آهي. (10)
- هڪ دفعي حضور صلي الله عليه وسلم جن حرم پاڪ ۾ نماز ادا ڪري رهيا هئا. ابو جهل ملعون جي چوڻ تي عقبه بن

معيط اٿيو ۽ پاڻ صلي الله عليه وسلم جي جڏهن سجدي ۾ ويا، ته گند سان ڀريل اٺ جي اوجهري سندن ڪنڌ مبارڪ جي مٿان رکي ڇڏي. اتي موجود ڪافر، ان دوران زور زور سان ٽهڪ ڏئي کلندا رهيا. حضرت فاطمه رضه عنها کي جڏهن خبر پئي، ته اها ڊوڙندي آئي ۽ ان گندگيءَ کي پاڻ سڳورن جي جسم مبارڪ تان پري ڪيائين : ليڪن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم ڪڏهن به انهن کان ڪنهن قسم جو انتقام نه ورتو. (11)

- مڪي وارن کان نااميد ٿي، حضور صلي الله عليه وسلم جن اسلام جي دعوت جي نيت سان طائف جو سفر فرمايو، ان دوران طائف جي سردارن جيڪو پاڻ سڳورن سان برتاءُ ڪيو، تنهن کان هر شعور رکندڙ مسلمان چڱيءَ طرح واقف آهي. بخاري جي روايت مطابق انهيءَ وقت ٻه فرشتا نازل ٿيا ۽ عرض ڪيائون ته جيڪڏهن اوهان اجازت عطا فرمايو، ته طائف وارن جي انهيءَ گستاخيءَ جي ڪري ٻنهي پهاڙن کي پاڻ ۾ ملائي، نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيون. ليڪن انهيءَ زيادتيءَ جي باوجود پاڻ سڳورن جواب ۾ فرمايو، ته الله تعاليٰ مونکي سمورن جهانن جي لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي. جيڪڏهن هيءُ هن وقت ايمان نه ٿا آڻن، ته مان الله تعاليٰ

۾ اميد رکان ٿو، سندن اينده نسل هدايت جي نور مان مستفيد ٿيندو. (12)

- جهالت واري زماني ۾ ڪعبة الله جي خدمت گذاري (مجاوري) نهايت عزت ۽ مرتبي واري منصب تصور ڪيو ويندو هو. اها مجاوري قديم زماني ڪان وٺي هڪ خاندان جي طرفان موروثي طور قائم هئي. حضور صلي الله عليه وسلم جي شروعاتي زماني ۾ ڪعبة الله جي ڪنجي انهيءَ خاندان جي هڪ فرد عثمان بن طلحه جي هٿ وس هئي. هڪ دفعي حضور صلي الله عليه وسلم ارادو فرمايو، ته بيت الله جي اندر وڃي، الله تعاليٰ جي بندگي ڪن. ان سلسلي ۾ پاڻ سڳورن عثمان بن طلحه ڪان بيت الله جي دروازي کولڻ لاءِ ڪنجي طلب فرمائي، ان تي عثمان بن طلحه نه صرف صاف انڪار ڪيو، بلڪ پاڻ سڳورن کي برو ڀلو چوڻ شروع ڪيو. ان تي پاڻ صلي الله عليه وسلم جن ڪيس فرمايو ته اي عثمان! ان وقت تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو، جو اها ساڳي ڪنجي منهنجي هٿ ۾ هوندي ۽ مان جنهن کي چاهيندس، تنهن کي عطا ڪندس. اها ڳالهه ٻڌي عثمان بن طلحه جواب ۾ چيو، ته ''اهو ڏينهن قريش جي تباهي ۽ رسوائي جو ڏينهن هوندو''، مڪي جي فتح جي موقعي تي جڏهن سمورا اختيار حضور صلي

الله عليه وسلم کي حاصل ٿي ويا ۽ مکي ۾ داخل ٿيڻ کان پوء سڀ کان پهريائين بيت الله ۾ ويا. ست دفعا طواف ڪيائون. ان کان پوء عثمان بن طلحه کي گهرائي، بيت الله جي ڪنجي سندن حوالي ڪندي فرمايونس، ته اي عثمان! "اڄ وفا ۽ سلوڪ جو ڏينهن آهي". هيءَ ڪنجي واپس وٺ، هيءَ تنهنجي خاندان جو ورثو آهي، ۽ ظلم کان سواءِ ڪوبه شخص هيءَ ڪنجي تو کان ڪسي نه ٿو سگهي. (13)

- عبد الله بن سلول منافقن جو سردار ۽ دل سان اسلام جو دشمن ۽ بد خواهه هو. احد جي لڙائي جي موقعي تي بهانو ڪري پنهنجي ساٿين سميت حضور صلي الله عليه وسلم جو ڪي ڇڏي، مديني منوره واپس موٽيو. اسلام جي مخالف مکي جي مشرڪن ۽ يهودين سان ساز باز ڪندو رهيو. پرپٺ حضور صلي الله عليه وسلم ۽ اصحابن سڳورن جي شان ۾ گستاخي ڪندو رهندو هو. قرآن پاڪ جي سورة "المنافقون" ۾ سندس منافقانه روش ۽ ڪردار جو تفصيل بيان ٿيل آهي. افڪ جي واقعي ۾ حضرت عائشه رضه عنها تي تهمت لڳائڻ وارن ۾ سندس بنيادي ڪردار رهيو. ان جي باوجود حضور صلي الله عليه وسلم سائنس عفو ۽ درگذر جو معاملو فرمائيندا رهيا. جڏهن فوت ٿيو، ته جيتوڻيڪ اصحابن سڳورن

ناپسندگيءَ جو اظهار فرمايو، ليڪن ان هوندي به پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن پنهنجو پهرياڻ مبارڪ سندس ڪفن لاءِ عطا فرمايو، جنهن ۾ ڪيس دفن ڪيو ۽ سندس لاءِ مغفرت جي دعا پڻ گهري. (14)

- صفوان بن اميه قريش جي سردارن منجهان هو. هن عمير بن وهب کي وڏي رقم جي لالچ ڏيکاري، مديني منوره وڃي حضور صلي الله عليه وسلم جن کي شهيد ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. الله تعاليٰ انهيءَ سازش متعلق حضور صلي الله عليه وسلم جن کي جبريل عليه السلام جي ذريعي اطلاع پهچايو. عمير بن وهب جڏهن مدينه منوره پهتو ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ جيئن ئي پهتو، تيئن پاڻ سڳورن ڪيس فرمايو، اي عمير! تنهنجي ۽ صفوان جي وچ ۾ بيت الله جي احاطي ۾ هيءُ هيءُ ڳالهيون طي ٿيون هيون. عمير حضور صلي الله عليه وسلم جي ڳالهه ٻڌي حيران ٿي ويو ۽ يڪدم اسلام قبول ڪيائين. مڪي جي فتح واري ڏينهن صفوان جده جي طرف ڀڄي ويو ۽ اتان يمن ڏانهن وڃڻ جو ارادو هوس. عمير رضه حضور صلي الله عليه وسلم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي، صفوان جي جيئدان جي درخواست ڪئي ۽ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خوش دليءَ سان قبول فرمائي.

نه صرف ايترو بلڪ پنهنجو پٽڪو مبارڪ عمير رضه کي نشاني طور عطا فرمائي، صفوان ڏانهن ڏياري موڪليو. صفوان عمير رضه سان گڏجي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو ۽ چئن مهينن جي مهلت طلب ڪيائين. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪيس مهلت عطا فرمائي ۽ بعد ۾ اسلام قبول ڪيائين.(15)

- افڪ جو واقعو اسلامي تاريخ جو اهم واقعو آهي. ان واقعي مطابق ڪجهه دشمنن حضرت عائشه رضه تي نعوذ بالله بدڪاريءَ جي تهمت لڳائي. ان دوران جنهن نموني سان بدناموسيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪيو ويو، سو صبر جي پيماني ۾ سمائي نه ٿو سگهجي. انهيءَ واقعي جي ڪوڙي هجڻ جي تصديق خود الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ پڻ فرمائي، ليڪن اهو صاف طرح سان واضح آهي، ته حضور صلي الله عليه وسلم جن ڪنهن به ملوث فرد کان ڪنهن به قسم جو انتقام نه ورتو.(16)
- هجرت کان پوءِ حضور صلي الله عليه وسلم جي نياڻي حضرت زينب رضه مديني ڏانهن وڃڻ لاءِ اٺ تي سوار ٿي وڃي رهي هئي. مڪي جي مشرڪن کي اها ڳالهه ناگوار محسوس ٿي، ته حضور صلي الله عليه وسلم جي نياڻي ائين

ظاهر ظهور هجرت ڪري وڃي، ان ڪري انهن مزاحمت ڪئي. انهيءَ مزاحمت دوران هبار بن الاسود چاڻي واٺي اٺ کي ٺاههُ ڏيارڻ لاءِ نيزو هنيو، جنهن جي ڪري بيبي صاحبه اٺ تان ڪري پئي ۽ زخمي ٿي پئي ۽ ان دوران سندس حمل پڻ ضايع ٿي ويو. مڪي جي فتح ڪان پوءِ جڏهن هبار بن الاسود حضور صلي الله عليه وسلم جي بارگاهه ۾ پيش پيو ۽ پنهنجي جهالت ۽ قصور جا اعتراف ڪيائين، ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڪيس معاف فرماني ڇڏيو. (17)

➢ ابو سفيان رضي الله عنه جي گهر واري هنده جو شمار اسلام قبول ڪرڻ ڪان اڳ اسلام جي بد ترين دشمنن ۾ ٿئي ٿو. حضور صلي الله عليه وسلم جي پياري چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه کي شهيد ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. سندس نڪ ۽ ڪن ۽ چپ ڪٽرائي پنهنجي ڳچيءَ جو هار بنايائين. حضور صلي الله عليه وسلم ۽ اسلام سان انتهائي نفرت جو اظهار ڪندي، حضرت حمزه رضي الله عنه جي سيني کي چيرائي، دل ۽ جيرو ڪڍرائي، ڪچو چٻاڙيائين. ليڪن مڪي جي فتح جي موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي بلند اخلاق ۽ بي مثال عفو و درگذر ڪان متاثر ٿي چوڻ لڳي ته، اي محمد صلي الله عليه وسلم اڄ ڪان اڳ توهان ڪان وڌيڪ

ڪوبه شخص منهنجي نظر ۾ نفرت جي قابل نه هو، ليڪن والله اڄ اوهان کان وڌيڪ ڪوبه شخص منهنجي نظر ۾ محبت ۽ عزت جي قابل نه آهي. حضور صلي الله عليه وسلم سندس اسلام آڻڻ تي خوشيءَ جو اظهار فرمايو. (18)

- حضرت حمزه کي شهيد ڪرڻ وارو ۽ سندس سيني مبارڪ کي چاڪ ڪرڻ وارو وحشي بن حرب هو. هيءُ شخص هنده جو غلام هو. مڪي جي فتح کان پوءِ طائف ڀڄي ويو، جڏهن طائف وارن اسلام قبول ڪيو، ته سندس لاءِ پناهه جي ڪابه جاءِ باقي نه رهي. ڪنهن ڪيس صلاح ڏني ته هاڻي تنهنجي لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جي رحمت واري جهوليءَ ۾ پناهه وٺڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه آهي. ان ڪري مجبور ٿي، بارگاهه اقدس ۾ پيش پيو، حضور صلي الله عليه وسلم جي رحيم ذات سندس اسلام کي قبول ڪيو ۽ سڀ ڪجهه معاف ڪري ڇڏيو. (19)

- عڪرمه رضه بن ابي جهل اسلام آڻڻ کان پهريائين پنهنجي پيءُ وانگر اسلام جو سخت ترين دشمن هو. مڪي جي فتح بعد يمن جي طرف ڀڄي ويو. سندس گهر واري مسلمان ٿي ۽ حضور صلي الله عليه وسلم کان پنهنجي مڙس عڪرمه رضه جي جيئدان جي درخواست ڪيائين، جيڪا حضور صلي الله

عليه وسلم جن قبول فرمائي. عڪرمه رضه جڏهن حضور صلي الله عليه وسلم جي بارگاهه رحمت ۾ آيو، ته پاڻ سڳورن سندس والهانه انداز ۾ اهڙي طرح آڌرڀاءُ ڪرڻ لاءِ اٿيا، جو سندن چادر مبارڪ سندن جسم تان سرڪي هيٺ ڪري پئي.(20)

- اها انساني فطرت آهي، ته جڏهن ڪيس پنهنجي دشمن تي فتح حاصل ٿيندي آهي، ته منجهس غرور ۽ انتقام جو جذبو نمايان طور تي پيدا ٿيندو آهي. مگر پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن انهيءَ قسم جي سمورن جذبن ڪان پاڪ هئا. انساني تاريخ ۾ حضور صلي الله عليه وسلم ڪان سواءِ ڪنهن به فاتح جو مثال نه ٿو ملي، جنهن دشمن تي غلبي حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ انتقام بجاءِ عفو ۽ درگذر جو معاملو ڪيو هجي. اها صرف ۽ صرف حضور صلي الله عليه وسلم جن جي ذات بابرڪت ئي آهي، جو جڏهن پاڻ سڳورا مڪي ۾ فاتحانه انداز ۾ داخل ٿي رهيا هئا، ته سندس ڪنڌ مبارڪ تواضع جي ڪري جهڪيل هو. ايتري قدر جو سندس ڏاڙهي مبارڪ ڏاچي جي ڪجاوي کي لڳي رهي هئي.(21) انهيءَ ڏينهن مڪي جا سمورا ظالم، جابر ۽ مشرڪ سندن سامهون بي وس موت جي انتظار ۾ قطار بيٺا هئا. حضور صلي الله عليه وسلم جن جيڪڏهن

چاهين ها، ته آسانيءَ سان ڪانئن انتقام وٺي پئي سگهيا. ليڪن سندن رحمت جي درياءَ ۾ مڪي جي مشرڪن جا ظلم هنن لفظن ادا ڪرڻ سان لڙهي ويا. ”لا تـثريبَ عليكُم اليَومَ اِذهبُـوا وَانتُـم الطّلقاءَ “ ”يعني اڄ توهان تي ڪابه معيار نه آهي، اوهان اڄ آزاد آهيو“.(22)

**تجزيو:** حضور صلي الله عليه وسلم جي سيرت طيبه اهڙي قسم جي بيشمار مثالن سان سينگاريل آهي. اسان انهن مان صرف چند واقعا نقل ڪيا آهن. انهن مثالن مان اها ڳالهه صاف طرح واضح ٿئي ٿي، ته حضور صلي الله عليه وسلم جن جي حيات طيبه انساني ڪردار جو معياري نمونو هئي. پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن زندگيءَ جي هر موڙ تي تحمل، بردباري، صبر، رواداري، عفو ۽ درگذر جو اهڙو مظاهرو فرمايو جنهنجو مثال انساني تاريخ پيش ڪرڻ ڪان قاصر آهي. انهن اعليٰ اخلاقي صفتن جي سبب پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جي شخصيت ايتري قدر ته عظيم ۽ نمايان نظر اچي ٿي، جو هر اهو شخص جيڪو تاريخ ڪي ڄاڻي ٿو، اهو پاڻ سڳورن جي انهيءَ عظمت جي اعتراف ڪرڻ ڪان سواءِ رهي نه ٿو سگهي. اها هڪ مسلّم حقيقت آهي، ته جڏهن ڪوبه شخص پنهنجي مٿان نهاريندو، ته ڪيس آسمان نظر ايندو ۽ انساني زندگي جي جنهن طرف به نظر

کندو، ته کيس حضور صلي الله عليه وسلم جي اعليٰ اخلاق جو اثر نمايان طور تي نظر ايندو. موجوده دنياوي حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ جن اعليٰ اخلاقي قدرن ۽ ڪاميابين جي صورت محسوس ٿئي ٿي، سي سڀ حضور صلي الله عليه وسلم جي حيات طيبه ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح نمايان طور تي نظر اچن ٿا ۽ اها هڪ حقيقت آهي، ته اهي اعليٰ اخلاقي تصور ۽ ضابطه قيامت تائين انسان جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ مشعل راهه آهن.

## حوالا


1. الانبياءَ - آيت 107
2. وحيد الدين خان "پيغمبر انقلاب" (اردو)، مکتبه اشرفيه لاهور، 1983، ص 39
3. "دائره معارف اسلاميه"، جلد 19، (اردو)، دانش گاهه پنجاب، لاهور، 1986، ص 134
4. آل عمران - آيت 159
5. آرنولڊ ٽي. ڊبليو "اسلام جي اشاعت جي تاريخ" مترجم محمد حاجن شيخ، قومي هجره ڪميٽي، اسلام آباد، 1984، ص 35
6. صحيح بخاري، جلد 3، ص 395
7. احمد بن حنبل "المسند"، جلد 3، ص 120
8. الڪهف - آيت 19

9. القلم ۔ آیت 48
10. "ابن حزم" جوامع السیرہ"، ص 64
11. ابن حجر عسکلانی، "فتح الباری"، جلد اول، ص 302
12. بخاری "الجامع الصحیح"، جلد اول، ص 258
13. ابن القیم الجوزی، "زاد المعاد"، جلد اول (اردو)، مترجم ڈاکٹر مقتدی حسن الازہری، ادبیات لاہور، ض 423
14. صحیح بخاری، جلد اول، کتاب الجنائز، ص 343
15. شبلی نعمانی، "سیرت النبی صلی اللہ علیہ وسلم، جلد بیو، ص 223-215
16. ایضاً، ص ایضاً
17. ایضاً، ص ایضاً
18. صفی الرحمٰن مبارکپوری "الرحیق المختوم"، لاہور، ص 556
19. ابن کثیر، "البدایہ والنہایہ"، جلد چوتوں، ص 18
20. محمد یوسف کاندہلوی، "حیاۃ الصحابہ"، جلد اول، مکتبہ فیضی لاہور، ص 162
21. "البدایہ والنہایہ" ص 18
22. محمد احمد ہاشمیل، "فتح مکہ" (اردو) مترجم اختر فتحپوری، نفیس اکیڈمی کراچی، 1985، ص 196